SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# 1972 جو سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI
# SINDH ACT NO.XXVI OF 1972
# سنڌ سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972
# THE SINDH SMALL INDUSTRIES AND HANDICRAFTS DEVELOPMENT CORPORATION ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. ڪارپوريشن جي جوڙجڪ
Constitution of the Corporation
4. انتظام
Management
5. بورڊ آف ميمبرس
Board of Members
6. چيئرمين ۽ ميمبرس جي نااهلي
Disqualification of Chairman and Members

7. چيئرمين ۽ ميمبرس جي برطرفي
Removal of Chairman and Members

8. چيئرمين يا ميمبرس جي استعيفيٰ
Resignation by the Chairman or Members

9. عملدارن وغيره جي مقرري
Appointment of Officers etc

10. ايمانداري ۽ رازداري جو اعلان
Declaration of Fidelity and secrecy

11. مالياتي، فني ۽ مشاورتي ڪميٽيون
Financial, Technical and Advisory Committees

12. ڪارپوريشن ۽ ان جي ملازمن کي ڇوٽ
Immunity of the Corporation and its employees

13. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

14. بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

15. ٻين ماڻهن جي مدد لاءِ بورڊ جو اختيار
Power of Board to associate other persons

16. ڪارپوريشن جا ڪم
Functions of the Corporation

17. قرضن يا سبسڪرپشن لاءِ ضمانت
Security for loans or subscription

18. قرضن تي وياج
Interest on loans

19. قرضن جي حد

Limit of loans

20. قرضن جي رعايت

Relaxation of loans

21. شرط مڙهڻ جو اختيار

Power to impose conditions

22. سموري رقم جي ادائگي طلب ڪرڻ جو اختيار

Power to demand payment of entire sum

23. اوڳاڙي لائق رقم جي تصديق

Certification of sum recoverable

24. پرڏيهي ڪرنسي ۾ قرض

Loans in foreign currency

25. ڪارپوريشن جا ٻيا ڪم

Other functions of the Corporation

26. ڪارپوريشن 1891 جي ايڪٽ XVIII جي مقصد لاءِ بئنڪ سمجهي ويندي

Corporation deemed to be a bank for purpose of Act XVIII of 1891

27. ڪارپوريشن فنڊ

Corporation Fund

28. ڪارپوريشن لوڪل اٿارٽي سمجهي ويندي

Corporation to be deemed to be a local authority

29. ڪارپوريشن فنڊ جي حوالگي ۽ سيڙپڪاري

Custody and investment of Corporation fund

30. اڪائونٽس جي مينٽيننس

Maintenance of Accounts

31. آڊيٽرس

Auditors

32. حڪومت کي رپورٽ جمع ڪرائي ويندي

Report to be furnished to Government

33. ختم ڪرڻ

Winding up

34. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

35. ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

36. اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي اثاثن جي منتقلي

Transfer of assets of West Pakistan small industries corporation

37. اضافي اختيار

Supplemental power

38. 1972 جي سنڌ آرڊيننس XXIII جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XXIII of 1972

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI جو 1972
# SINDH ACT NO.XXVI OF 1972
# سنڌ سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972
# THE SINDH SMALL INDUSTRIES AND HANDICRAFTS DEVELOPMENT CORPORATION ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڪارپوريشن قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي اثاثن ۽ رهتن کي تحويل ۾ وٺڻ ۽ سنڌ صوبي ۾ سمال ۽ ڪاٽيج انڊسٽريز جي ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ ڪارپوريشن جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛

هن کي هيٺين ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

## باب_I
## شروعاتي
## Chapter_I
## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.

(2)هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي. | commencement

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1972 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

وصفون Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو نه هجي هيٺين اظهارن کي ترتيبوار هيٺين ريت معنيٰ هوندي، جهڙوڪ:

(a) "بورڊ" مطلب ڪارپوريشن جو بورڊ آف ڊائريڪٽرس؛

(b) "قرض وٺندڙ" مطلب ڪو شخص يا شخصيتون يا ماڻهن جي باڊي، پوءِ اهي شموليت اختيار ڪيل هجن يا نه، جن کي ڪارپوريشن طرفان قرض ڏنو ويو آهي يا هن آرڊيننس تحت ڪارپوريشن جي گارنٽي تي شيڊولڊ بئنڪ طرفان قرض ڏنو ويو آهي ۽ جنهن ۾ شامل آهن اهڙي ماڻهو يا ماڻهن جا وارث يا مقرر ڪندڙ؛

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(d) "ڪارپوريشن" مطلب هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن، سنڌ؛

(e) "ڪاٽيج انڊسٽري" مطلب هڪ انڊسٽري جيڪا مڪمل طور يا شروعاتي طور هڪ خاندان جي فردن طرفان ڪل وقتي يا وقتي طور ڏنڏي جي صورت ۾ هلائي وڃي؛

(f) "ڊائريڪٽر" مطلب بورڊ جو ڊائريڪٽر، ۽ ان ۾ شامل آهي چيئرمين؛

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "ٻي انڊسٽري" مطلب ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽري کانسواءِ ٻي انڊسٽري، جنهن جي حڪومت طرفان منظوري ڏني وڃي ۽ سمال انڊسٽريز اسٽيٽ ۾ جوڙي يا قائم ڪئي وڃي؛

(i) “بيان ڪيل” مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(j) “ضابطا” مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(k) “قاعدا” مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(l) “شيڊولڊ بئنڪ” مطلب اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ايڪٽ، 1956 (1956 جي ايڪٽ XXXIII) جي دفعہ 37 جي ذيلي دفعہ (1) تحت جوڙيل بئنڪن جي فهرست ۾ وقتي طور شامل ڪيل هڪ بئنڪ؛

(m) “سمال انڊسٽريز اسٽيٽ” مطلب ڪارپوريشن طرفان سمال، ڪاٽيج ۽ ٻين انڊسٽريز جي قيام ۽ ترقي لاءِ زمين ۽ سهولتن جي فراهمي لاءِ قائم ڪيل ۽ انتظام ڪيل هڪ اسٽيٽ؛

(n) “سمال انڊسٽري” مطلب هٿ جي هنر ۽ ڪنزيومر يا پروڊيوشر شين جي ناهڻ ۾ رڌل هڪ انڊسٽري، جنهن جي ڪل اثاثن جي قيمت (سواءِ زمين جي قيمت جي) ويهہ لک رپين کان وڌيڪ نہ هجي؛ ۽

(o) “اسٽيٽ بئنڪ” مطلب اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان.

## باب _II

## ڪارپوريشن جي جوڙجڪ

## Chapter_II

## Constitution of Corporation

ڪارپوريشن جي جوڙجڪ
Constitution of the Corporation

3.(1) هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان فوري پوءِ هڪ ڪارپوريشن قائم ڪئي ويندي، جنهن کي “سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن، سنڌ” سڏيو ويندو.

(2)ڪارپوريشن باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي هن

ايڪٽ جي گنجائش موجب ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ يا رکڻ جو اختيار حاصل هوندو ۽ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.
(3) ڪارپوريشن جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي ۾ هوندو.

انتظام
Management

4. (1) پنهنجا ڪم بهتر نموني سرانجام ڏيڻ لاءِ بورڊ آف ڊائريڪٽرس کي اهي سمورا اختيار حاصل هوندا ۽ اهي سمورا ڪم ڪري سگهندو جيڪي هن آرڊيننس جي گنجائش موجب ڪارپوريشن طرفان استعمال ڪيا ويڻا هوندا يا ڪم ڪيا ويڻا هوندا.
(2)ذيلي دف (1) موجب اختيارن کان اضافي طور بورڊ کي هي اختيار حاصل هوندا:
(i) ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو جي رهنمائي لاءِ حڪمت عمليون جوڙڻ؛
(ii) هن آرڊيننس جي گنجائش تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ؛
(iii)مالياتي ۽ انتظامي ضابطو رکڻ.
(3) بورڊ پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي ترقي ۽ ڪمرشل ڪنسيڊريشن تي ڪم ڪندو ۽ حڪومت طرفان اهڙين هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي، جيئن اها وقت بوقت ڏئي.
(4) جيڪڏهن بورڊ مٿي ڄاڻايل ڪنهن هدايت تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو حڪومت سبب لکت ۾ رڪارڊ تي آڻيندي، ڊائريڪٽرس کي هٽائي سگهي ٿي ۽ جيستائين ڪجهه دفعه 5 جي متضاد نه هجي، انهن جي جاءِ تي ٻيا ماڻهو

ڊائريڪٽر طور عارضي بنيادن تي مقرر ڪري سگهي ٿي، جيستائين دفعه جي گنجائشن موجب نئون بورڊ جوڙيو وڃي.

(5) حڪومت بورڊ جي اهڙي ڪنهن ٺهراءَ يا حڪم تي عملدرآمد ملتوي ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن حڪمتو جي خيال ۾ ذيلي دفعه (3) ۾ ڄاڻايل هدايتن سان ٽڪراءَ ۾ هجي يا ڪو قدم کڻڻ کان روڪي سگهي ٿي يا اهڙي ٺهراءَ يا حڪم تحت ڪئي ويندڙ ڪم کان روڪي سگهي ٿي يا جيڪڏهن اهڙو قدم کنيو ويو آهي، ان جي درستگيءَ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي، اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف ميمبرس
Board of Members

5.(1) بورڊ آف ميمبرس هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (1)صنتعن وارو وزير، حڪومت سنڌ | چيئرمين |
| (2)سيڪريٽري انڊسٽريز ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ يا سندس نامزد ڪيل جيڪو ڊپٽي سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي. | ميمبر |
| (3)ناڻي کاتي جو سيڪريٽري، حڪومت سنڌ يا سندس نامزد ڪيل جيڪو عهدي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري کان گهٽ نه هجي. | ميمبر |
| (4)ڊولپمينٽ ڪمشنر، حڪومت سنڌ يا سندس نامزد ڪيل جيڪو عهدي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري کان گهٽ نه هجي. | ميمبر |
| (5)ڊائريڪٽر سمال انڊسٽريز هينڊيڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن. | ميمبر |
| (6)انڊسٽريل ڊولپمينٽ بئنڪ آف | ميمبرس |

| | |
|---|---|
| پاڪستان، ايڪسپورٽ پروموشن بيورو، گورنمينٽ آف پاڪستان ۽ ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان هر هڪ مان هڪ نمائندو. | |
| (7)سنڌ جو ڊوميسائيل رکندڙ ٽي غير سرڪاري ميمبرس حڪومت طرفان چيئرمين جي سفارش تي مقرر ڪيا ويندا، جيڪي ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا ۽ ان ڪانپوءِ بہ مقرر ٿي سگھندا، جنهن جي مدت ٽي سالن کان وڌيڪ نہ هوندي. | |
| (8)صوبائي اسيمبلي جا پنج ميمبرس اسيمبلي طرفان چونڊيا ويندا. | |

(2) حڪومت کي جيئن ۽ جڏهن ضروري سمجھي بورڊ جي ميمبرشپ تبديل ڪرڻ جو اختيار هوندو.

(3)ڊائريڪٽر سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڪارپوريشن هيٺيان ڪم ڪري سگھندو:

(a)ڪارپوريشن جو ڪل وقتي عملدار ۽ چيف ايگزيڪيوٽو هوندو؛

(b) بورڊ جو سيڪريٽري هوندو؛

(c) اهڙي ذميواري سرانجام ڏيندو جيئن ضابطن ۾ بيان ڪئي وئي هجي يا جيئن بورڊ طرفان ڪيس سونپي وئي هجي؛

(d) اهڙي پگھار ۽ الائونسز کڻندو جيئن حڪومت طئي ڪري؛

(e) ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو ۽ ان ڪانپوءِ بہ وڌيڪ ٽن سالن

لاءِ مقرر ٿي سگھندو.

| | |
|---|---|
| 6. ڪو به ماڻھو ڊائريڪٽر يا چيئرمين مقرر نہ ڪيو ويندو يا جاري نہ رکي سگھندو، جيڪو:<br>(a)ڪنھن بہ وقت تي بداخلاقي جي ڏوھہ جي الزام ھيٺ آيو ھجي؛ يا<br>(b) ڪنھن بہ وقت تي نااھل قرار ڏنو ويو ھجي؛ يا<br>(c) ذھني مريض ٿي وڃي ٿو يا دماغي توازن وڃائي ويھي ٿو؛ يا<br>(d) ڪنھن بہ وقت تي پاڪستان جي ملازمت مان نااھل قرار ڏنو ويو آھي يا ملازمت تان برطرف ڪيو ويو آھي؛ يا<br>(e) پنجويھہ سالن کان گھٽ عمر جو آھي؛ يا<br>(f) پاڪستان جو شھري نہ آھي. | چيئرمين ۽ ميمبرس جي نااھلي<br>Disqualification of Chairman and Members |
| 7. حڪومت لکت ۾ حڪم ذريعي ميمبر کي ھٽائي سگھي ٿي، سواءِ ان ميمبر جي جيڪو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ھجي، جيڪڏھن اھو:<br>(a)ذميوارين نڀائڻ کان انڪار ڪري ٿو يا ناڪام ٿئي ٿو يا حڪومت جي خيال ۾ ھن ايڪٽ تحت ذميوارين نڀائڻ کان نااھل آھي؛ يا<br>(b)حڪومت جي خيال ۾ ميمبر جي حيثيت کي خراب ڪيو اٿئين؛ يا<br>(c) ڄاڻي واڻي بنا حڪومت کان لکت ۾ اجازت وٺڻ جي سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت يا پائيوار ذريعي شيئر حاصل ڪري ٿو يا پاڻ وٽ رکي ٿو يا ڪنھن ڪانٽريٽ ذريعي يا ملازمت ذريعي ڪو فائدو ڪٽي ٿو ڪارپوريشن جي طرفان يا ڪنھن ملڪيت ۾، جيڪو سندس ڄاڻ موجب ان کي فائدو | چيئرمين ۽ ميمبرس جي برطرفي<br>Removal of Chairman and Members |

ڏيندو يا ڪارپوريشن جي آپريشنز جي نتيجي ۾ ان کي فائدو ڏنو آهي؛ يا

(d) حڪومت جي خيال ۾ دفعہ 11 ۾ ڄاڻايل ايمانداري ۽ رازداري رکڻ واري اعلان جي ڀڃڪڙي ڪئي اٿئين؛ يا

(e) چيئرمين کان بنا موڪل جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهيو آهي.

چيئرمين يا ميمبرس جي استعيفيٰ
Resignation by the Chairman or Members

8.جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، چيئرمين يا ميمبر مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ڪنهن بہ وقت ٽن مهينن جي نوٽيس تي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو يا ساڳئي قسم جي نوٽيس تي حڪومت طرفان هٽائي سگهجي ٿو.

عملدارن وغيره جي مقرري
Appointment of Officers etc

9.(1)ڪارپوريشن حڪومت جي اهڙن عام يا خاص حڪمن تي، جيڪي وقت بوقت ڏئي، اهڙا عملدار، صلاحڪار ۽ ملازم مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها پنهنجي بهتر ڪارڪردگي ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ ضروري سمجهي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪارپوريشن اهڙن عملدارن، ماهرن، صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻين ماڻهن کي ملازمت تي رکي سگهي ٿي، جيڪي حڪومت طرفان ان ڏانهن بدلي ڪيا وڃن، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن حڪومت طئي ڪري.

(3) چيف ايگزيڪيوٽو هنگامي حالتن ۾ چيئرمين جي منظوري سان اهڙا عملدار، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻيا ملازم مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن ضروري هجي.

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ تحت ڪيل اهڙي هر مقرري بابت

بنا ڪنهن دير جي بورڊ کي آگاهه ڪيو ويندو ۽ ڇهه مهينن کان وڌيڪ تائين جاري نہ رکيو ويندو، جيستائين بورڊ منظوري ڏئي.

**ايمانداري ۽ رازداري جو اعلان**
**Declaration of Fidelity and secrecy**

10. (1) ڪارپوريشن جو هر ميمبر، صلاحڪار يا عملدار يا ٻيو ڪو ملازم پنهنجي ذميدارين ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ اهڙو ايمانداري ۽ رازداري رکڻ جو معاهدو ڪندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪارپوريشن جو ڪو صلاحڪار، عملدار يا ٻيو ڪو ملازم، حڪومت جي خيال ۾ يا حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن شخص جي خيال ۾، ذيلي دفعہ (1) تحت ايمانداري ۽ رازداري رکڻ واري معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو تہ اهو تجويز ڪيل قدم کڻڻ خلاف موزون سبب ڄاڻائڻ جو موقعو ڏيڻ بعد ان خلاف قدم کنيو ويندو، جنہ ڪانپوءِ ان کي عهدي تان هٽايو ويندو.

**مالياتي، فني ۽ مشاورتي ڪميٽيون**
**Financial, Technical and Advisory Committees**

11. بورڊ اهڙيون مالياتي، فني ۽ مشاورتي ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

**ڪارپوريشن ۽ ان جي ملازمن کي ڇوٽ**
**Immunity of the Corporation and its employees**

12. (1) هر ميمبر، صلاحڪار، عملدار يا ڪارپوريشن جي ملازم کي پنهنجون ذميواريون نڀائڻ دوران ڪيل سمورن نقصانن ۽ خرچن تي ڪارپوريشن طرفان ڇوٽ حاصل هوندي، سواءِ ڄاڻي واڻي ڪيل ڪمن ۽ غلطين جي.

(2) ميمبر ٿيڻ ڪنهن ميمبر، يا صلاحڪار، عملدار، يا

ڪارپوريشن جي ملازم جي عملن جو ذاتي طور ذميوار نہ هوندو، جيڪي اهو پنهنجا اختيار استعمال ڪندي يا هن ايڪٽ تحت يا قاعدن ۽ ضابطن موجب ڪم سرانجام ڏيندي روڪي نہ سگهي، ڪارپوريشن کي ڪنهن نقصان يا خرچ جيڪو ڪنهن ملڪيت جي ملهہ ۾ ڪوٽ يا گهٽتائي سبب ٿيو هجي يا ڪارپوريشن طرفان جيڪا سڪيورٽي حاصل ڪئي يا ورتي وئي هجي، سٺي نيت سان ڪارپوريشن جي نالي تي ڪنهن شخص طرفان ڪيل غلط عمل يا پنهنجي آفيس جون ذميواريون سنڀاليندي سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن عمل تي ميمبر ذميوار نہ هوندو.

**اختيارن جي منتقلي**
**Delegation of Powers**

13. بورڊ عام يا خاص حڪم ذريعي هن ايڪٽ، قاعدن ۽ ضابطن موجب پنهنجا ڪي بہ اختيار، ذميواريون يا ڪم چيئرمين، ميمبر، عملدار يا ڪارپوريشن جي ڪنهن ملازم کي منتقل ڪري سگهي ٿو اهڙين شرطن موجب جيئن اهو مڙهڻ لاءِ ضروري سمجهي.

**بورڊ جون گڏجاڻيون**
**Meetings of the Board**

14.(1) بورڊ جون گڏجاڻيون ٽن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڪراچي ۾ ڪوٺايون وينديون:

بشيرطيڪ ان سلسلي ۾ جيستائين ضابطا جوڙيا وڃن، اهڙيون گڏجاڻين اهڙن وقتن ۽ اهڙن هنڌن تي ڪوٺايون وينديون جيئن چيئرمين طئي ڪري.

(2) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ گهربل ڪورم پنج هوندو، جيڪڏهن بورڊ پنج يا وڌيڪ ميمبرس تي مشتمل هجي ۽ بہ جيڪڏهن انگ گهٽ هجي.

(3) هر هڪ ميمبر، بشمول چيئرمين سيني کي هڪ ووٽ حاصل هوندو، پر ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ چيئرمين کي

ٻيو يا ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو.

(4)بورڊ جي گڏجاڻيءَ جي صدارت چيئرمين ڪندو ۽ سندس غير حاضري ۾ گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبرن طرفان چونڊيل ميمبر صدارت ڪندو.

(5) بورڊ جو ڪو عمل يا ڪا ڪارروائي ڪنهن آسامي جي بنياد تي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ نقص جي بنياد تي غير موثر نه ٿيندي.

(6) هر گڏجاڻيءَ جا منٽس، ٻين معاملن سميت جن ۾ موجود ميمبرس جا نالا هوندا، لکيا ويندا ۽ هڪ ڪتاب ۾ رڪارڊ ڪيا ويندا ان مقصد لاءِ رکيا ويندا ۽ گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ شخص طرفان ان تي صحيح ڪئي ويندي، ۽ اهڙو ڪتاب هر موزون وقت تي بنا چارج جي ڪنهن جاچ لاءِ ميمبر يا ان طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان کوليو ويندو.

(7)جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ حڪومت ايئن هدايت ڪري ته، چيئرمين بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ غور لاءِ رکيل سمورن ڪاغذن جو نقل ان ڏانهن اماڻيندو.

(8)حڪومت چيئرمين کان طلب ڪري سگهي ٿي:

(a) ڪو ريٽرن، اسٽيٽمينٽ، ڪاٿو، تفصيل يا ٻي ڪا معلومات ڪنهن معاملي جي حوالي سان جيڪا ڪارپوريشن جي هٿ هيٺ هجي.

(b) اهڙي ڪنهن معاملي تي رپورٽ؛ يا

(c)چيئرمين جي ضابطي هيٺ ڪنهن دستاويز جو نقل.

چيئرمين اهڙي ڪنهن درخواست تي بنا ڪنهن دير جي عمل ڪندو.

15. (1) بورڊ هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن شخص کي اهڙي طريقي، اهڙين شرطن ۽ اهڙي وقت لاءِ مدد يا صلاح لاءِ پاڻ سان جوڙي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

(2) ڪنهن مقصد لاءِ ذيلي دفعہ (1) تحت پاڻ سان جوڙيل شخص کي ان مقصد سان لاڳاپيل بورڊ جي ڪنهن بحث ۾ حصو وٺڻ جو حق حاصل هوندو پر ان کي ووٽ جو حق حاصل نہ هوندو ۽ ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ ان کي ڊائريڪٽر نہ سمجهيو ويندو.

بين ماڻهن جي مدد لاءِ بورڊ جو اختيار
Power of Board to associate other persons

## باب _III
## ڪارپوريشن جا اختيار، ذميداريون ۽ ڪم
## Chapter_III
## Powers, Duties and Functions of the Corporation

16. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪارپوريشن اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي، جيڪي اها ڪاٽيج، سمال ۽ ٻين انڊسٽريز جي قيام ۽ ترقي ۾ مدد لاءِ ضروري سمجهي.

ڪارپوريشن جا ڪم
Functions of the Corporation

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، ڪارپوريشن هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ ۽ هيٺ ڄاڻايل ڪم ڪري سگهي ٿي لاءِ:

(a) سمال، ڪاٽيج ۽ ٻين انڊسٽريز لاءِ قرض وٺندڙن کي قرض ڏيڻ لاءِ فنڊ قائم ڪرڻ؛

(b) انڊسٽريز جي ترقي لاءِ قرض وٺندڙن کي قرضن جي ٻيهر ادائگي لاءِ شيڊولڊ بئنڪ کي گارنٽي ڏيڻ ۽ خراب فصل لهڻ تي ڪارپوريشن ۽ انهن بئنڪن وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت

نقصان ۾ حصو ڏيڻ؛

بشرطيڪ شق (a) تحت ڏنل قرض يا شق (b) تحت ڪنيل گارنٽي ڀيهر ادائگي لائق هوندي، جنهن جو عرصو ويهہ سالن کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي.

وضاحت: ڪارپوريشن طرفان ڏنل قرض ڪيش جي صورت ۾ يا عمارت، سمال انڊسٽريز اسٽيٽ ۾ زمين جي سڏاريل پلاٽن يا مشينري ۽ ليز تي سامان يا ڀاڙي تي يا خريداري جي بنيادن تي ٿي سگهي ٿو.

**قرضن يا سبسڪرپشن لاءِ ضمانت**
**Security for loans or subscription**

17. ڪارپوريشن طرفان ڪو بہ قرض نہ ڏنو ويندو جيستائين ان کي حلف، گروي، مفروضي يا اهڙي ملڪيت متحرڪ يا غير متحرڪ جي حوالگي ۽ اهڙي ملهہ جي نسبت سان جيڪو قرض برابر هجي، ان سان محفوظ نہ بڻايو وڃي، جيئن ڪارپوريشن مناسب سمجهي.

بشرطيڪ جڏهن ڪنهن فرد واحد کي قرض ڏنو ويو آهي ۽ جيڪو ويهہ هزار رپين جي ڪاٽي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ساڪائتي ضمانتن جي ملهہ برابر هجي، کان وڌيڪ نہ هجي.

**قرضن تي وياج**
**Interest on loans**

18.ڪارپوريشن طرفان ڏنل قرضن تي اوڳاڙي لائق وياج وقت بوقت حڪومت طرفان طئي ڪيو ۽ ڄاڻايو ويندو.

**قرضن جي حد**
**Limit of loans**

19.(1) ڪارپوريشن سمال انڊسٽريز اسٽيٽ کان ٻاهر واقع سمال يا ڪاٽيج انڊسٽريز کي قرض يا چندو يا ڪا ضمانت نہ ٿي ڏئي سگهي، هيٺ ڄاڻايل اضافو ڪيل حدن جي سلسلي ۾، يعني:

(a) جڏهن ڪنهن فرد واحد کي هجي، ٻہ لک رپيا

(b) جڏهن فرد واحد ڪانسواءِ اڏار وننڊڙ کي ڪيو وڃي، اٺ لک رپيا.

(2) ڪارپوريشن حڪومت طرفان وقت بوقت اهڙين وڏايل حدن سميت سمال انڊسٽريز اسٽيٽ ۾ واقع صنعتن جي صورت ۾ قرض نہ ۽ گارنٽيز نہ ڏيندي.

**قرضن جي رعايت**
**Relaxation of loans**

20. حڪومت وقت بوقت ڪارپوريشن جي سفارش تي دفعہ 19 تحت قرضن، چندن ۽ گارنٽيز جي ڪل حد ۾ رعايت ڏئي سگهي ٿي.

**شرط مڙهڻ جو اختيار**
**Power to impose conditions**

21. ڪنهن ڏيتي ليتي ۾ داخل ٿيڻ وقت ڪارپوريشن اهڙا شرط مڙهي سگهي ٿي جيئن اها پنهنجي مفاد ۾ ضروري سمجهي ۽ قرض حاصل ڪرڻ لاءِ لکت ۾ يا ٻي امداد ذريعي بهترين استعمال ۾ آڻي سگهي ٿي.

**سموري رقم جي ادائگي طلب ڪرڻ جو اختيار**
**Power to demand payment of entire sum**

22. (1) جيستائين ڪجھ ڪنهن معاهدي يا ڪنهن قانون جي متضاد هجي، جيڪڏهن:

(a) جيڪڏهن اهو ملي تہ حاصل ڪيل قرض اڌار وٺندڙ طرفان ڪوڙي معلومات فراهم ڪري ورتو ويو آهي يا ڪنهن خاص مواد ۾ غلط رهنمائي ڪئي وئي آهي؛ يا

(b) قرض يا ان جو ڪو حصو معلوم ٿئي تہ جنهن مقصد لاءِ ورتو ويو آهي ان کان علاوه ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي؛ يا

(c) جوڳي ثابت ي آهي تہ اڌار وٺندڙ قرض ادا ڪرڻ جي لائق نہ آهي يا ڏيوالو نڪري سگهي ٿو؛ يا

(d) قرض لاءِ ضمانت طورڳهہ تي رکيل، گروي رکيل، قسم تي ذمو ڏنل يا ڪارپوريشن کي سونپيل ملڪيت اڌار وٺندڙ طرفان جوڳي شرط تي ناهي رکي وئي يا بيان ڪيل سيڪڙو کان ملڪيت جو ملهہ ڪيرايو ويو آهي ۽ اڌار وٺندڙ ڪارپوريشن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ اضافي ضمانت ڏيڻ جي

لائق نہ آهي؛ يا

(f)ڪارپوريشن جي اجازت کانسواءِ مشينري يا ٻيو سامان اڌار وٺندڙ جي انڊسٽريل اسٽيبلشمينٽ کان ٻنا ٽنا سٽا ڪرڻ جي ڪڍيو وڃي ٿو؛ يا

(g)ڪارپوريشن جي اجازت کانسواءِ اڌار وٺندڙ طرفان قرض لاءِ ضمانت طور ڏنل عمارت، زمين يا ٻي ڪا ضبط ڪيل ملڪيت؛ يا

(h)ڪنهن ٻئي سبب لاءِ ڪارپوريشن جي مفاد جي تحفظ لاءِ بورڊ جي خيال ۾ ايئن ڪرڻ ضروري هجي تہ ان سلسلي ۾ عام طور تي يا خاص طور تي بورڊ طرفان بااختيار بڻايل ڪو عملدار نوٽيس ذريعي اڌار وٺندڙ کان قرض جي سلسلي ۾ سموري رقم جي ادائگي طلب ڪري سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ واجب الادا وياج، يا ڪا گهٽ رقم، جيئن معاملو هجي، يا اڌار وٺندڙ کان عمارت، مشينري ۽ سامان يا قرض جي مقصد لاءِ ڏنل ٻئي سامان تان هٿ ڪڍڻ جو چئي سگهي ٿو يا اهڙي هدايت تي عمل ڪرڻ جو چئي سگهي ٿو جيئن بورڊ پنهنجي مفاد جي تحفظ لاءِ ضروري سمجهي.

(2)اهڙي نوٽيس ۾ بيان ڪيل وقت جنهن دوران اڌار وٺندڙ کان ادائگي طلب ڪئي وئي آهي يا فيڪٽري عمارت، مشينري ۽ اوزارن يا سامان تان هٿ ڪڍڻ جو چيو ويو آهي يا ڏنل هدايتن تي عمل ڪرڻ جو چيو ويو آهي ۽ ان ۾ اها بہ وارننگ هوندي تہ جيڪڏهن اڌار وٺندڙ طلب ڪيل رقم جي ادائگي ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا فيڪٽري عمارت، مشينري ۽ اوزارن يا سامان تان هٿ ڪڍڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ڏنل هدايتن تي عمل ۾ ناڪام ٿئي ٿو جيئن معاملو هجي، بيان ڪيل

وقت دوران، بورڊ اڏار ونندڙ جي ڊفالٽر طور تصديق ڪندي ۽ رقم اڏار ونندڙ طرفان لينڊ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هئڻ جي تصديق ڪري ڪري سگهي ٿو.

اوڳاڙي لائق رقم جي تصديق
Certification of sum recoverable

23.(1)جيڪڏهن اڏار ونندڙ دفعه 22 تحت جاري ڪيل نوٽيس ۾ ڄاڻايل وقت دوران طلب ڪيل رقم ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا هدايتن تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته بورڊ يا ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪارپوريشن جو ڪو بيو عملدار، جيڪو ڊپٽي مئنيجر جي عهدي کان گهٽ نه هجي، سرٽيفڪيٽ جاري ڪري سگهي ٿو بيان ڪيل طريقي موجب مجموعي رقم جي تصديق ڪندي، بشمول اڏار ونندڙ طرفان ڪارپوريشن کي واجب الادا وياج جي ۽ سرٽيفڪيٽ جي جي تاريخ تائين ۽ اهڙي مهلهه تي جنهن تحت وياج ان سلسلي ۾ واجب الادا هيو.

(2)ذيلي دفعه (3) جي گنجائشن موجب، ذيلي دفعه (1) تحت سرٽيفڪيٽ واضح گواهي هوندو ته سرٽيفڪيٽ ۾ تصديق ڪيل رقمون ڪارپوريشن طرفان اڏار ونندڙ ڏانهن واجب الادا هيون.

(3)اڏار ونندڙ ذيلي دفعه (1) تحت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ جي پندرنهن ڏينهن اندر ان سرٽيفڪيٽ خلاف حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ ان تي حڪومت سرٽيفڪيٽ رد ڪري يا ڦيرڦار ترتيب ڏئي سگهي ٿي.

(4)جيستائين ڪجهه ڪنهن معاهدي يا ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي:

(a)ڪارپوريشن وٽ آپشن هوندو ته اها اڏار ونندڙ کان واجب ادا رقم وصول ڪري پوءِ اها ان کان هجي يا يا ان جي

ضمانت ڪان ۽ ذيلي دفعه (1) تحت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ تي پڻ ضمانت خلاف عمل ۾ آندو ويندو ڄڻ اهو پاڻ اڌار وٺندڙ هجي.

(b)اڌار وٺندڙ طرفان قرض جي ضمانت طور ڳهه رکيل، ضبط ڪيل، قسم تي ڏنل يا سونپيل ملڪيت جي ڪا منتقلي، جيستائين قرض يا ان جو وياج يا ان جو ڪو حصو ڪارپوريشن کي ادا نه ڪيو ويو آهي، اهو ڪارپوريشن ڏانهن جوابده هوندو ۽ اهڙيون ملڪيتون اٽيچمينٽ ۽ وڪري لائق هونديون ڄڻ اهڙي ڪا منتقلي عمل ۾ ئي نه آئي هجي.

(c)جتي قرض عمارت يا مشينري يا اوزارن تي اڳواٽ پاڙي خريد بنيادن تي ورتو ويو آهي ۽ اڌار وٺندڙ معاهدي جي شرطن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي يا هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي يا ذيلي دفعه (1) تحت جاري ڪيل نوٽيس تي عمل ۾ ناڪام ٿيو آهي ته، ڪارپوريشن کي عمارت يا مشينري يا اوزارن، جئن معاملو هجي، جو قبضو وٺڻ جو حق حاصل هوندو.

(d)اڌار وٺندڙ يا ٻئي ڪنهن شخص جون ڪارپوريشن ڏانهن واجب الادا سموريون رقمون لينڊ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هونديون.

**پرڏيهي ڪرنسي ۾ قرض**
**Loans in foreign currency**

24.(1) ڪارپوريشن حڪومت ۽ مرڪزي حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن حڪومت طرفان منظوري ڏني وئي هجي، عالمي بئنڪ کان ٻيهر تعمير ۽ ترقي لاءِ پرڏيهي ڪرنسي ۾ اڌار وٺي سگهي ٿي يا ٻي صورت ۾ ڪاٽيج، سمال ۽ ٻين انڊسٽريز جي

ترقي لاءِ قرض جي صورت ۾ جيڪو دفعہ 17 جي مقصد لاءِ ورتو ويو هجي، ڪارپوريشن چاٽايل بئنڪ يا ٻئي اڌار ڏيندڙ کي ڪارپوريشن طرفان پرڏيهي ڪرنسي ۾ ڏنل قرض لاءِ ورتل سموري ضمانت يا ان جو حصو ٻڌھ ۾ ڏئي، ضبط ڪري، قسم تي ڏئي يا سونپي سگھي ٿي.

(2)پرڏيهي ڪرنسي ۾ حاصل ڪيل سمورا قرض ٻيهر ادائگي لائق هوندا، پوءِ اهي:

(a)ان ڪرنسي ۾ جنهن ۾ اهي ورتا ويا آهن؛ يا

(b)ٻي ڪنهن ڪرنسي ۾ جنهن تي قرض ڏيندڙ ايجنسي، حڪومت ۽ مرڪزي حڪومت راضي ٿيون هجن؛ يا

(c)پاڪستاني ڪرنسي ۾ ٻيهر ادائگي واري تاريخ تي ايڪسچينج واري ملهہ تي.

**ڪارپوريشن جا ٻيا ڪم**
**Other functions of the Corporation**

25.ڪارپوريشن پڻ ذميدار هوندي:

(i)هٿ جي هنر، ڪاٽيج، سمال ۽ ٻين انڊسٽريز جي ترقي لاءِ اسڪيمون تيار ڪرڻ ۽ حڪومت کي جمع ڪرائڻ. اهڙين اسڪيمن ۾ شامل ٿي سگهن ٿيون ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽريز جي سلسلي ۾ تحقيق ۽ مڪينائيزيشن جي لاءِ اسڪيمون؛

(ii)مخصوص مقصدن لاءِ منظور ڪيل اسڪيمون کي موثر بڻائڻ؛

(iii)سنڌ جي نجي سيڪٽري ۾ صنعتون لڳائڻ لاءِ سهڪار ڪرڻ؛

(iv)سنڌ جي پبلڪ سيڪٽر ۾ صنعتون لڳائڻ لاءِ سهڪار ڪرڻ، قائم ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ، جيئن وقت بوقت حڪومت طرفان هدايت ڪئي وئي هجي ۽ اهڙين صنعتن تي دفعہ 2 جي شق (n) ۾ بيان ڪيل متئين سطح لاڳو نہ

ٿيندي.

(v)پبلڪ سيڪٽر ۾ سمال ۽ ڪاٽيج انڊسٽريز جا ماڊل پروجيڪٽس قائم ڪرڻ ۽ انهن کي نجي سيڪٽر ۾ موزون ڌرين جي سيڙپاري نہ ڪرڻ لاءِ جديد سائنسي لائنز تحت هلائڻ.

(vi)حڪومت طرفان ڪارپوريشن کي منتقل ڪيل اسڪيم، پروجيڪٽس ۽ تربيتي ادارن کي تحويل ۾ وٺڻ ۽ هلائڻ.

(vii)هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيز جو انتظام ڪرڻ.

(viii)سمال انڊسٽريز کي لارج انڊسٽريز سان ملائڻ لاءِ جوڳا قدم کڻڻ.

(ix)ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽريز جي ڳُڻپ ۽ سرويز ڪرائڻ.

(x)ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽريز جي پراڊڪٽس کي هٿي وٺرائڻ ۽ مارڪيٽنگ لاءِ ٽريڊ ايسوسيئيشنز جو انتظام ڪرڻ ۽ جوڳا اپاءَ وٺڻ.

(xi)ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽريز جي پراڊڪٽس جي وڪري ۽ نماءَ لاءِ ميلن ۽ پويلينس جو انتظام ڪرڻ.

(xii)مخصوص صنعتن يا صنعتن جي گروپ لاءِ سروس سينٽرز يا عام سهولت مرڪز قائم ڪرڻ.

(xiii)ٻنتي ٻيل علائقن ۾ ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽريز قائم ڪرڻ.

(xiv)سمال انڊسٽريز اسٽيٽس قائم ڪرڻ.

(xv)هٿ جي هنر کي هٿي وٺرائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ آرٽيسن ڪالونيز، ڊزائن سينٽرز، ورڪشاپس، ادارا قائم ڪرڻ.

(xvi)ڪچي ريشم کي هٿئي ونرائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ جوڳا قدم کڻڻ؛

(xvii)ڪاٽيج، سمال ۽ ٻين انڊسٽريز کي هٿي ونرائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ ادارا قائم ڪرڻ؛

(xviii)ڪاٽيج، هٿ جي هنرن ۽ سمال انڊسٽريز يڪ ڪچو سامان، مشينري ۽ اسپيئر پارٽس مهيا ڪرڻ ۾ ورهائڻ؛

(xix)ڪچي سامان جي فراهمي ۽ ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽريز طرفان مڪمل ڪيل شين جي خريد ۽ فروخت لاءِ ڊيپاٽس جو انتظام ڪرڻ ۽ هلائڻ ڪارپوريشن طرفان هلندڙ پروجيڪٽس کي سنڀالڻ؛

(xx)بهتر پيداوار جي مقصد لاءِ ساڳين قسمن سميت نوان نمونا متعارف ڪرائڻ؛

(xxi) آرٽيسنس ۽ سمال انڊسٽريز جي تربيت لاءِ اسڪيمون جوڙڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ؛

(xxii)ڪاٽيج، سمال ۽ ٻين انڊسٽريز جي ڪچي سامان جي دعوائن تي ڪم ڪرڻ؛

(xxiii)حڪومت جي هدايتن يا ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان منتقل ڪيل اختيارن جي استعمال موجب ڪاٽيج، سمال ۽ ٻين انڊسٽريل يونٽس کي منظوري ڏيڻ، متوازن بڻائڻ، جديد بڻائڻ وغيره..

(xxiv)سمال ۽ ڪاٽيج انڊسٽريز جي پراڊڪٽس کي درجو ڏيارڻ يا معيار بهتر بڻائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(xxv)اهڙا ٻيا ڪم ڪرڻ، اپاءَ وٺڻ يا قدم کڻڻ جيئن حڪومت طرفان هدايت ڪئي وئي هجي.

| | |
|---|---|
| 26.ڪارپوريشن بينڪرس بڪس ايويڊنس ايڪٽ، 1891 جي مقصدن لاءِ بئنڪ سمجهي ويندي. | ڪارپوريشن 1891 جي ايڪٽ XVIII جي مقصد لاءِ بئنڪ سمجهي ويندي<br>Corporation deemed to be a bank for purpose of Act XVIII of 1891 |

## باب _IV
## ماليات
## Chapter IV
## Finance

| | |
|---|---|
| 27.(1)ڪارپوريشن ۾ هڪ فنڊ هوندو جنهن کي "ڪارپوريشن فنڊ" سڏيو ويندو، جيڪو ڪارپوريشن طرفان آرڊيننس تحت پنهنجي ڪمن جي پورائي بشمول پگهارن ۽ ڪارپوريشن جي ڊائريڪٽرس ۽ ٻين ملازمن جي ٻين معاوضن لاءِ استعمال ڪيو ويندو.<br>(2)ڪارپوريشن فنڊ مشتمل هوندو:<br>(a)حڪومت طرفان ڪيل گرانٽس؛<br>(b)حڪومت طرفان ڪارپوريشن جي نيڪال وقت اسڪيمن جي فزيبلٽي اسٽڊيز جي تياري لاءِ رکيل گردشي فنڊس؛<br>(c)حڪومت کان حاصل ڪيل قرض؛<br>(d)لوڪل باڊيز طرفان ڪيل گرانٽس؛<br>(e)ڪچي سامان ۽ مڪمل ڪيل شين جا سيلس پروسيڊس؛<br>(f)ڪارپوريشن طرفان شيڊولڊ بئنڪن کان حاصل ڪيل قرض؛ | ڪارپوريشن فنڊ<br>Corporation Fund |

(g)دفعہ 17 جي گنجائشن تحت حاصل ڪيل پرڏيهي قرض؛

(h)سمال انڊسٽريز اسٽيٽ ڪي ڊنل پلاٽ ۾ پيئن سهولتن لاءِ چارجز؛

(i)ڪارپوريشن طرفان حاصل ڪيل ٻيون سموريون رقمون.

**ڪارپوريشن لوڪل اٿارٽي سمجهي ويندي**
**Corporation to be deemed to be a local authority**

28.ڪارپوريشن لوڪل اٿارٽيز لونس ايڪٽ، 1914 (1914 جي ايڪٽ IX) تحت لوڪل اٿارٽي سمجهي ويندي، جاٽايل ايڪٽ تحت رقم اڌاري وٺڻ جي مقصد لاءِ يا ٻين ڪن مقصدن لاءِ ۽ هن آرڊيننس تحت اسڪيمون تاهڻ ۽ مڪمل ڪرڻ لاءِ اهڙي اٿارٽي قانوني طور جاري رکڻ لاءِ بااختيار هوندي.

**ڪارپوريشن فنڊ جي حوالگي ۽ سيڙپڪاري**
**Custody and investment of Corporation fund**

29.(1) سموري رقم ڪارپوريشن جي نالي تي اهڙيءَ ريت رکي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)هن دفعہ جي مٿي ذڪر ڪيل گنجائشن مان اهو نہ چاتو ويندو تہ ڪارپوريشن کي اهڙي ڊراوت جي سيڙپڪاريءَ کان روڪجي ٿو. جيڪا ٽرسٽ ايڪٽ، 1882 (1882 جو ايڪٽ II) جي دفعہ 20 مطابق ضمانتن ۾ جلدي خرچ ڪرڻ لاءِ گهربل آهي يا انهن تي فڪس ڊپازٽ طور سرڪار طرفان منظور ڪيل بئنڪ ۾ رکيو وڃي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ڪنهن کي سرڪار منظور ڪيو هجي.

**اڪائونٽس جي مينٽيننس**
**Maintenance of Accounts**

30.ڪارپوريشن اڪائونٽس جا مڪمل ۽ مستند ڪتاب تاهيندي اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**آڊيٽرس**
**Auditors**

31.(1) ڪارپوريشن جا اڪائونٽس آڊيٽرن طرفان آڊٽ ڪيا ويندا، جيڪي چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آرڊيننس، 1961

(1961 جي آرڊيننس X) جي مقصد لاءِ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس هوندا ۽ حڪومت جي منظوري سان اهڙي معاوضي تي مقرر ڪيا ويندا، جيئن طئي ڪيو وڃي ۽ اهڙو معاوضو ڪارپوريشن طرفان ادا ڪيو ويندو.

(2)جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) تحت فراهم ڪيل آڊٽ جي متضاد نہ هجي، حڪومت ڪارپوريشن جي آڪائونٽس جي آڊٽ لاءِ اسپيشل آڊيٽر مقرر ڪندي ۽ ڪارپوريشن طرفان ڪرايل آڊٽ جي ٽيسٽ آڊٽ ڪرائيندي ۽ ٽيسٽ آڊٽ ۾ بيقاعدگيون ظاهر ٿيڻ تي اسپيشل آڊيٽر اهڙي وڌيڪ آڊٽ ڪرائي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

| حڪومت کي رپورٽ جمع ڪرائي ويندي<br>Report to be furnished to Government | 32.(1)ڪارپوريشن حڪومت کي مالي سال ختم ٿيڻ جي چار مهينن اندر بيان ڪيل طريقي موجب پنهنجي اثاثن ۽ وسيلن ڪمرشل ڪمن ۽ مالي سال ختم ٿيڻ تائين ڪيل خرچن فائدي ۽ نقصان سميت سال دوران ڪارپوريشن جي ڪم بابت آڊٽ ٿيل اسٽيٽمينٽ جمع ڪرائيندي ۽ جاچايل اسٽيٽمينٽ، اڪائونٽس ۽ رپورٽ جون ڪاپيون سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪرائيندي. |
|---|---|

(2)ڪارپوريشن حڪومت کي ان جي ايندڙ مالي سال لاءِ اهڙي وقت تي ۽ اهڙي طريقي پروپوزل جمع ڪرائيندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _V
## متفرقات
## Chapter_V
## Miscellaneous

| ختم ڪرڻ | 33.ڪمپنيز ۽ ڪارپوريشن جي ختم ڪرڻ سان لاڳاپيل |
|---|---|

**Winding up**

قانون جي ڪا گنجائش ڪارپوريشن تي لاڳو نہ ٿيندي ۽ ڪارپوريشن حڪومت جي حڪم ڪانسواءِ ختم نہ ڪئي ويندي ۽ اهڙي طريقي جيئن اها هدايت ڪري.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules**

34.(1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا فراهم ڪن ٿا:

(a)ڪارپوريشن جا اڪائونٽس رکڻ جو طريقو.

(b)ڪارپوريشن جي عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي ڀرتي؛

(c)ڪارپوريشن جي عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا بشمول صلاحڪارن جي ڪمن جي؛

(d)ڪارپوريشن طرفان ورتل اڌار؛

(e)تاريخ جنهن تائين ۽ طريقو جنهن تحت ڪارپوريشن جو هر سال ۾ بجيٽ اسٽيٽمينٽ جمع ڪرايو ويندو؛

(f)طريقو جنهن تحت ڪارپوريشن جي نالي تي رقمن کي ترتيب ڏنو ۽ ٻيهر ترتيب ڏنو ويندو.

(g)طريقو جنهن تحت ۽ اٿارٽيز جن کي ريٽرنس، رپورٽس ۽ اسٽيٽمينٽس جمع ڪرايا ويندا؛ ۽

(h)اهڙا ٻيا ڪي معاملا جيڪي ڪارپوريشن معاملن جي انتظام سان لاڳاپيل هجن، جيئن حڪومت قاعدا جوڙڻ لاءِ مناسب سمجهي.

**ضابطا جوڙڻ جو**

35. (1) بورڊ حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان قاعدن ۾ نہ

| | |
|---|---|
| بيان ڪيل سمورن معاملن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو، جن جو گنجائش لازمي آهي يا هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ قاعدن لاءِ ضروري هجن. | اختيار<br>Power to make regulations |
| (2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪن ٿا:<br>(a)بورڊ جون گڏجاڻيون؛<br>(b)ڪارپوريشن فنڊس جي سيڙپڪاري؛<br>(c)انڊسٽريل يونٽس ۽ ڪارپوريشن جي ٻي غير متحرڪ ملڪيت جو وڪرو ۽ منتقلي؛<br>(d)دفعه 12 تحت جوڙيل ڪميٽيز جي جوڙجڪ، اختيار ۽ شرطون ۽ ضابطا؛<br>(e)سمال انڊسٽريز اسٽيٽس سان لاڳاپيل بلڊنگ بائي لاز، معاهدا ۽ ليز ڊيڊس؛<br>(f)شرط جن تحت ڪارپوريشن قرض ڏئي سگهي ٿي؛ ۽<br>(g)قرضن جي ضمانت ۽ قرضن جي گارنٽي لاءِ طريقو ۽ مقدار طئي ڪرڻ. | |
| 36.هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ ڪان وٺي:<br>(a)سنڌ صوبي ۾ واقع اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جا سمورا واپار، پراجيڪٽس، جاري ڪم ۽ ملڪيتون ڪارپوريشن ڏانهن منتقل ٿي وينداْ؛<br>(b)سمورا قرض، اثاثا ۽ حاصل ڪيل ذميداريون، ٺيڪا جن ۾ داخل ٿيو هجي، ۽ معاملا ۽ شيون جيڪي ڪرڻيون هجن، سان يا لاءِ، ۽ سمورا مقدما ۽ ٻيون ڪارروايون اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن طرفان يا خلاف اهي اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (تحليل) | اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي اثاثن جي منتقلي<br>Transfer of assets of West Pakistan small industries corporation |

آرڊيننس، 1972 (1972 جي آرڊيننس XXIV) تحت سنڌ صوبي ڏانهن منتقل ٿي وينديون، سمجهيا ويندا قرض، اثاثا ۽ حاصل ڪيل ذميداريون، داخل ٿيل ٺيڪا، جيئن معاملو هجي، معاملا ۽ شيون جيڪي ڪرڻيون هيون، سان يا لاءِ ۽ مقدما ۽ ٻيون ڪارروايون حڪومت يا ڪارپوريشن طرفان يا خلاف، جيئن معاملو هجي؛

(c)اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جا صوبي سنڌ ڏانهن منتقل ٿيل سمورا عملدار ۽ ملازم ان جي تحليل جي نتيجي ۾ ڪارپوريشن جي ملازمت لاءِ منتقل ٿي ويندا اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (تحليل) آرڊيننس، 1972 (1972 جي آرڊيننس XXIV) تحت طئي ڪيا وڃن.

اضافي اختيار
Supplemental power

37.هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ جي مقصد لاءِ، سنڌ جو گورنر اهڙي طريقي جيئن اهو ضروري سمجهي فراهم ڪري سگهي ٿو:

(a)تحليل يا اولهه پاڪستان سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي اثاثن ۽ وسيلن جي منتقلي ۾ پيش ايندڙ رنڊڪون هٽائڻ؛

(b)ڪارپوريشن جي تحليل سان لاڳاپيل ٻيا اضافي يا اتفاقي معاملا.

1972 جي سنڌ آرڊيننس XXIII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance

38. سنڌ انڊسٽريز اينڊ هينڊيڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن آرڊيننس، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**

XXIII of 1972